هفتيوار رسالو: 340
WEEKLY BOOKLET: 340

تقريباً 19 سال پهريان جو بيان

# موت جو ذائقو



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

**محمد الياس عطّار قادري رضوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

**ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:**

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **موت جو ذائقو**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گھٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# موت جو ذائقو

**پيشڪش:** المدينة العلميہ(اسلامڪ ريسرچ سينٹر)

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.n

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# موت جو ذائقو [1]

دعاءِ خليفهءِ امير اهل سُنت: ياربّ المصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل جو رسالو ”موت جو ذائقو“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان جي قبر ۽ آخرت جون منزلون آسان فرماءِ ۽ ان کي والدين سميت بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلَّم

# درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صلَّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

(جامع صغير، ص87، حديث :1406)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! جنهن زندگي مان لطف ورتو آهي ان کي موت جو بہ مزو چکڻو آهي، جيڪو هتي آيو آهي ان کي هڪ ڏينهن هتان کان رخصت بہ ٿيڻو آهي ۽ جنهن هن دنيا جي رنگينن کي ڏٺو آهي ان کي موت جو منظر بہ ڏسڻو آهي. موت جي باري ۾ چيو وڃي ٿو تہ ” اَلْمَوْتُ بَابٌ كُلُّ نَفْسٍ دَاخِلُهَا، اَلْمَوْتُ قَدَحٌ كُلُّ نَفْسٍ شَارِبُهَا “ يعني موت هڪ اهڙو دروازو آهي جنهن مان هر جاندار کي گذرڻو آهي، موت هڪ اهڙو جام آهي، جنهن کي هر شخص پيئندو. واقعي حقيقت بہ اهائي

[1] عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي باني امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ٿيڻ وارن مختلف آڊيو بيانن کي تحريري صورت ۾ بنام”فيضانِ بياناتِ عطار“ المدينة العلميہ(اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي شعبي ”بياناتِ امير اهل سنت“ جي طرفان ترميم ۽ اضافي سان پيش ڪيو ويو. اَلحَمدُلله! انهن بيانن مان هاڻي شعبو ”هفتہ وار رسالي جو مطالعو“ 15 شعبان المعظم مطابق 15 سيپٽمبر 2005 تي ٿيڻ واري هڪ بيان ”موت جو ذائقو“ کي رسالي جي صورت ۾ منظر عام تي آڻي رهيو آهي.

آهي تہ موت هڪ اهڙو جام آهي جنهن جو ذائقو هر هڪ کي چکڻو آهي، جيئن سيپاري 4 سورت آل عمران جي آيت نمبر 185 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

كُلُّ نَفْسٍ ذَآىِٕقَةُ الْمَوْتِ ؕ

ترجموكنزالعرفان: هر ساهہ کي موت جو ذائقو چکڻو آهي.

هن آيتِ مبارڪ جي حوالي سان تفسير صراط الجنان ۾ آهي: هن آيت مان معلوم ٿيو تہ الله پاڪ هر جاندار تي موت مقرر فرمائي ڇڏيو آهي ۽ ان کان نہ ڪنهن کي ڇوٽڪارو ملندو ۽ نہ ئي ڪو ان کان ڀڄي سگهندو. موت روح جو جسم کان جدا ٿيڻ جو نالو آهي. ۽ هي جُدائي انتهائي سخت تڪليف ۽ اَذيت سان ٿيندي ۽ ان جي تڪليف دنيا ۾ انسان کي ملڻ واري تمام تڪليفن کان سخت ترين هوندي. (تفسير صراط الجنان،پ4،آلِ عمران،تحت الآية:185، 122/2)

پيارا اسلامي ڀائرو! انسان کي موت جي وقت پهچڻ واري تڪليف جي متعلق ڪجهہ واقعا پڙهو ۽ پنهنجي لاءِ عبرت جو سامان ڪيو، جيئن تہ منقول آهي تہ بني اِسرائيل چيلنج طور حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي چيو تہ توهان اسان جي لاءِ حضرتِ سام بن نوح کي زنده ڪري ڏيکاريو، حضرتِ عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام انهن کي فرمايو: توهان مون کي سندس قبر تي وٺي هلو، پوءِ حضرتِ عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام بني اسرائيل سان گڏجي حضرتِ سام بن نوح جي قبر تي تشريف کڻي آيا ۽ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ کان حضرتِ سام بن نوح کي زنده ڪرڻ جي دعا ڪئي تہ الله پاڪ اُن کي زِنده فرمائي ڇڏيو. جڏهن هُو قبر مان نڪتا تہ ان جي مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار اڇا هئا، حضرتِ عيسيٰ رُوحُ الله عَلَيْهِ السَّلَام ان کان پڇيو: هي پوڙهائپ تہ اوهان جي زَماني ۾ نہ هئي؟ اُنهن عرض ڪيو: يا رُوح الله! جڏهن اوهان مون کي پڪاريو

تہ مان آواز بڌو ۽ مونکي گمان ٿيو تہ شايد قِيامت قائم ٿي چڪي آهي، ان جي خوف سبب منهنجي مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار اڇا ٿي ويا، پوءِ حضرتِ عيسيٰ عَلَيهِ السَّلَام کائنس ”موت“ جي باري پڇيو تہ انهن ٻڌايو: موت جي ڪؤڙاڻ اڃا تائين مون مان ختم ناهي ٿي. حالانڪ منهنجي انتقال کي چار هزار(4000) سال کان بہ وڌيڪ عرصو گذري چڪا آهن.(تفسير قرطبی، پ3، آل عمران، تحت الآية:49، الجزء: 4، 1128/2ملخصاً)

هن واقعي مان خبر پئي تہ الله پاڪ حضرتِ عيسيٰ عَلَيهِ السَّلَام کي اهو معجزو عطا فرمايو هو تہ پاڻ مُڙدا زندھ ڪندا هئا، اهو بہ معلوم ٿيو تہ قيامت جون هولناڪيون ايتريون خطرناڪ آهن جو صرف هن خوف سان تہ ڪٿي قيامت تہ قائم ناهي ٿي وئي حضرت سام بن نوح جا ڪارا وار اڇا ٿي ويا. پڻ هي بہ خبر پئي تہ موت جو ذائقو ايترو ڪوڙو آهي جو انتقال جي چار هزار سال کان وڌيڪ عرصو گذرڻ جي باوجود بہ حضرت سام بن نوح مان ان جي ڪؤڙاڻ پري نہ ٿي.

## مرڻ کان پوءِ بہ موت جي گرمي

منهنجي آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڀيرو ارشاد فرمايو: بني اسرائيل جي هڪ جماعت هڪ قبرستان مان گذري تہ انهن پاڻ ۾ مشورو ڪيو تہ ڇونہ اسان هتي بہ رڪعتون نماز پڙهي ڪري الله پاڪ کان دعا گهرون تہ اهو اسان جي لاءِ ڪنهن هڪ مڙدي کي زندھ ڪري تہ جيئن اهو اسان کي موت جا حالات ٻڌائي، جيئن تہ هُو نماز پڙهي ڪري دعا ڪرڻ لڳا، اڃا دعا جاري هئي تہ ان دوران انهن قبرن مان هڪ اهڙو شخص جنهن جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ سجدي جو نشان واضح هو، اهو پنهنجي قبر مان مٿو ٻاهر ڪڍي چوڻ لڳو: اوهان مون کان ڇا ٿا چاهيو؟ منهنجي انتقال کي سو سال ٿي چڪا آهن پر اڃا تائين موت جي گرمي مون کان پري ناهي ٿي، توهان منهنجي لاءِ دعا ڪيو

تہ الله پاڪ مون ڪي پهرين حالت تي موٽائي. (الزہد لامام احمد، ص44، حديث:88ملخصاً)

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو! موت جي گرمي ڪيتري دير تائين رهندڙ آهي جو انتقال کان 100 سال بعد بہ باقي آهي. ڏسو! جيڪڏهن اسان کي ڪا تڪليف پهچندي آهي تہ ان جو اثر ٿوري ئي وقت ۾ ختم ٿي ويندو آهي پر موت جي وقت پهچڻ واري تڪليف جو اثر سوين سالن تائين باقي رهندو آهي لهٰذا عقلمندي اها ئي آهي تہ اسان موت کي ڪثرت سان ياد ڪيون ۽ دنيا ۾ رهي ڪري موت ۽ ان کان بعد جي تياري ڪيون. اسان روز ٻڌندا رهون ٿا تہ فلاڻي فلاڻي ماڻهو جو انتقال ٿي ويو پر اسان کي ڪا خاص عبرت حاصل نٿي ٿي، اهڙي طرح جڏهن اسان جي قبرستان حاضري ٿيندي آهي تڏهن بہ اسان عبرت حاصل ناهيون ڪندا حالانڪ قبرستان جي حاضري جو اصل مقصد عبرت حاصل ڪرڻ آهي، جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آهي: مون توهان کي قبرن جي زيارت کان منع ڪيو هو، پر هاڻي توهان قبرن جي زيارت ڪيو، ڇوتہ هي دنيا مان بي رغبتي جو سبب ۽ آخرت جي ياد ڏياريندي آهي. (سنن ابن ماجہ، 252/2، حديث:1571) اسان قبرستان ويندا آهيون تہ خوفِ خدا سان اسان جا ڳوڙها ناهن نڪرندا جڏهن تہ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ ڀيرو هڪ قبر وٽ ويهي ايترو رُنا جو مبارڪ اکين مان نڪرڻ وارن مبارڪ لڙڪن سان مٽي آلي ٿي وئي، جيئن تہ

## لڙڪن سان مٽي آلي ٿي وئي

حضرت بَرّاء بن عازِب رضی اللهُ عنہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان الله پاڪ جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ هڪ جنازي ۾ شريڪ هئاسين جو تدفين جي وقت پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ قبر جي پرسان ويهي زارو قطار رَوئڻ لڳا، پاڻ سڳورا ايترا تہ رُنا جو قبر جي مٽي آلي ٿي وئي. پوءِ فرمايائون: هن قبر جي لاءِ تياري ڪيو!....

(ابن ماجہ، 466/4، حديث:4195)

## لڙڪن سان ڏاڙهي آلي ٿي ويندي هئي

صحابہ ڪرام رضی اللہ عنھم ۽ بُزرگان دين رحمۃ اللہ علیھم جي حالات ۾ بہ اهڙا واقعا ملن ٿا جو جڏهن هو قبرستان ويندا هئا تہ خوفِ خدا جي غلبي جي سبب خوب روئندا هئا، جيئن تہ اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ عثمانِ غني رضی اللہ عنہ جڏهن ڪنهن جي قبر تي تشريف فرما ٿيندا هئا تہ ايتري قدر روئندا هئا جو سندن ڏاڙهي مبارڪ آلي ٿي ويندي هئي. عرض ڪيو ويو: جنت ۽ دوزخ جو تذڪرو ڪرڻ وقت توهان روئندا ناهيو پر قبر تي گهڻو روئندا آهيو ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ فرمايائون: يقين رکو تہ رسول اللّٰه صلی اللہ علیہ والہ وسلم فرمايو آهي تہ قبر آخرت جي منزلن مان پهرين منزل آهي جيڪڏهن ان کان نجات ملي وئي تہ ان کان بعد واريون منزلون ان کان وڌيڪ آسان ٿي وينديون ۽ جيڪڏهن ان کان نجات نہ ملي تہ ان کان بعد واريون منزلون هن کان وڌيڪ سخت هونديون ۽ رسول اللّٰه صلی اللہ علیہ والہ وسلم هي بہ فرمايو آهي تہ قبر کان وڌيڪ خوفناڪ منظر مون ڪڏهن ڏٺو ئي ناهي.

(ترمذی ،138/4، حديث:2315)

## سڄي رات قبرستان ۾ روئندا هئا

حضرت عيسيٰ بن عُمر رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: حضرتِ عَمروبن عُتّبہ رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿي رات جو قبرستان ويندا هئا ۽ اُتي بيهي ڪري چوندا هئا: اي قبر وارؤ! اعمالناما ويڙها ويندا ۽ اعمالناما کنيا ويندا، پوءِ پنهنجي قدمن تي مٿو جهڪائي ڪري روئندا رهندا هئا ايستائين جو صبح ٿي ويندي هئي ۽ واپس اچي ڪري فجر جي نماز ۾ شريڪ ٿي ويندا هئا.

(حلیۃالاولیاء،173/4،رقم:5159)

## اسان جي حالت زار

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان اسان جا بُزرگانِ دين جڏهن قبرستان تشريف

ڪٽي ويندا هئا تہ خوفِ خُدا سان ڪيتري قدر روئندا هئا جڏهن تہ اسان جي حالت زار هي آهي جو اسان جنازن سان گڏ ڪلندي قبرستان ويندا ۽ ڪلندي واپس موٽي ايندا آهيون. هڪ دور اهو هو جو مسلمان جڏهن ڪنهن جنازي سان ويندا هئا تہ سيئي پنهنجي وات تي ڪپڙو رکي پنهنجي موت کي ياد ڪري روئي رهيا هوندا هئا تہ جيئن اَڄ هي مرڻ وارو اسان جي ڪلهن تي سوار ٿي ڪري قبرستان وڃي پيو سڀاڻي اسان کي بہ ايئن قبرستان ڪنيو ويندو، اهي ايتري قدر غمزده هوندا هئا جو جيڪڏهن ڪو تعزيت ڪرڻ چاهيندو هو تہ سڀني کي غمزده ڏسي ڪري ڪيس اها خبر نہ پوندي هئي تہ ميت جو وارث ڪير آهي؟ جيئن تہ حضرتِ امام محمد غزالي رحمۃ اللہ علیہ ارشاد فرمائن ٿا: هڪ دور هو تہ جڏهن ڪو جنازو وڃي رهيو هوندو هو تہ جنازي ۾ جنهن کي ڏسو اهو وات تي ڪپڙو رکي روئي رهيو هوندو هو ۽ جيڪڏهن ڪو اجنبي تعزيت ڪرڻ چاهيندو هو تہ ان کي خبر نہ پوندي هئي تہ اهو ڪنهن کان تعزيت ڪري؟ (ڪيميائے سعادت، 397/1) هاڻي بہ ماڻهو جنازي تي روئندا آهن پر هرشخص نہ بلڪ مخصوص ماڻهو روئندا آهن. شايد ئي ڪو خوفِ خُدا يا پنهنجي موت کي ياد ڪري انهي ڪري روئندو هجي تہ مرڻ واري جو قبر ۾ ڇا ٿيندو؟ اڄڪلهہ عام طور تي ماڻهو مرڻ واري جي محبت ئي ۾ روئندا آهن. ياد رکو! جنازا اسان جي لاءِ خاموش مبلغ جي حيثيت رکندا آهن. جيڪو ڪجهہ اهي زبانِ حال سان چئي رهيا هوندا آهن ان جي ترجماني ڪنهن ڇا تہ خوب ڪئي آهي:

جنازہ آگے آگے کہہ رہا ہے اے جہاں والو
مرے پیچھے چلے آؤ تمہارا راہنما میں ہوں

## قبر جو معاملو ڏاڍو نازڪ آهي

ڏسو! قبر جو معاملو ڏاڍو نازڪ آهي، جيڪڏهن اسان قبر ۾ پيش اچڻ وارن معاملن جي باري ۾ صحيح معنيٰ ۾ غوروفڪر ڪيون تہ اسان جي سڄي مستي لهي ويندي پر اسان ايئن ناهيون ڪندا. ڏسو! جيڪڏهن ڪجهہ ماڻهو ڪنهن کي بندوق جي زور تي پڪڙي ڪٽي وڃن ۽ پوءِ ان کي ڪنهن ڪڏ وٽ

بيهاري ڇَون: اسان توکي نہ گولي هڻنداسين ۽ نہ ئي تنهنجو گلو دٻائينداسين باقي ڪجھ دير جي لاءِ هن کڏ ۾ وجهي ڪري ان کي قبر جيان بند ڪري ڇڏينداسين. اهڙي صورت ۾ شايد ان جي لاءِ کڏ ۾ بند ڪرڻ جو صدمو گولي هڻڻ جي صدمي کان وڌيڪ هوندو ۽ اهو هي سوچيندو تہ خبر ناهي هن تنگ ۽ انڌيري کڏ ۾ مون تي ڇا گذرندو؟ ياد رکو! قبر جو معاملو ڪجھ دير جي لاءِ کڏ ۾ بند ڪرڻ جي معاملي کان وڌيڪ سخت آهي. ڏسو! جڏهن ڪنهن جو انتقال ٿيندو آهي تہ مرڻ وارو غسل ڏيڻ ۽ ڪفن پارائڻ وارن کي ڏسي رهيو هوندو آهي، ان کي اهو بہ محسوس ٿي رهيو هوندو آهي تہ هاڻي ماڻهو مون کي پنهنجي ڪلهن تي کڻي قبرستان وٺي رهيا آهن ۽ ان کي اها بہ خبر پئجي رهي هوندي آهي تہ هاڻي ماڻهو ”هتان کان پڪڙيو ۽ هيڏانهن کان پڪڙيو“ جا نعرا لڳائي مون کي انڌيري قبر ۾ لاهي رهيا آهن پر هي سڀڪجھ خبر پوڻ جي باوجود هو ڳالهائڻ کان بہ قاصر هوندو آهي. پوءِ مردي کي قبر ۾ رکڻ کان پوءِ اسان وٽ هي اعلان ٿيندو آهي تہ ”قل پڙهي مٽي ڏيو“ تہ ماڻهو ٿوري ٿوري مٽي جمع ڪري ڏيندا آهن جنهن کي حصولِ برڪت جي لاءِ قبر ۾ رکيو ويندو آهي، پوءِ ماڻهو ڦٽو رکي ڪري قبر بند ڪرڻ لڳندا آهن ۽ جڏهن آخري ڦٽو رکيو ويندو آهي تہ قبر ۾ سخت انڌيرو ٿي ويندو آهي، هاڻي ماڻهو قبر تي هن احتياط سان مٽي وجهندا آهن جو ڪٿان بہ معمولي سوراخ کليل نہ رهجي وڃي، انهي دوران ڪجھ ماڻهو دانهن ڪري چوندا آهن تہ هيڏي مٽي وجهو هتي سوراخ آهي تہ ايئن آخر ماڻهو ڪيئي مڻ مٽي وجهي ڪري قبر کي مڪمل بند ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ دعا گهري ڪري پنهنجي پنهنجي گهرن جي طرف روانا ٿي ويندا آهن. افسوس! مرڻ وارو هي سڀ ڪجھ ڏسي رهيو هوندو آهي، ايستائين جو جڏهن ماڻهو ان کي انڌيري قبر ۾ تنها ڇڏي ڪري پنهنجي گهرن جو رخ ڪري رهيا هوندا آهن تہ اهو سندن قدمن جي آواز بہ ٻڌندو آهي، جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آهي: ”مُردو، دفن ڪري وڃڻ وارن جي جوتن جا آواز ٻڌندو آهي.“ (الزہد لابن المبارک، ص41، حديث:163 ملخصاً) پوءِ ان جي قبر ۾ منڪر نڪير جي آمد ٿيندي آهي ۽ سوالن جوابن جو سلسلو شروع ٿي ويندو آهي. پوءِ مرڻ واري کي سندس چڱي بري عملن جي جزا ۽ سزا ڏني ويندي آهي مثلاً جيڪڏهن مرڻ وارو مَعاذَاللّٰه چوري، شراب نوشي يا زناڪاري ۾ مبتلا ٿي ڪري بغير توبہ جي مئو هو تہ هاڻي ان جي قبر ۾ بہ نانگ موڪليا ويندا آهن جيڪي ان جو گُوشت پٽي کائيندا آهن، جيئن تہ

# ٻہ نانگ پٽي پٽي ڪري گوشت کائيندا

حضرت مَسرُوق رحمۃُ اللہِ علیہ کان روايت آهي: جيڪو شخص چوري يا شراب نوشي يا زنا ۾ مبتلا ٿي مرندو آهي اُن تي ٻہ نانگ مُقرَّر ڪيا ويندا آهن جيڪي ان جو گوشت پٽي پٽي ڪري کائيندا رهندا آهن. (موسوعۃ لابن ابی الدنیا، 476/5، حدیث:257ملخصاً) اهڙي طرح جيڪڏهن مرڻ وارو خيانت ڪرڻ وارو هجي تہ ان جي قبر ۾ باهہ ڀڙڪائي ويندي آهي، جيئن تہ

# چادر باهہ ٻڻجي ساڙي رهي آهي

حضرت اَبُو رافع رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن نبي ڪريم صلَّی اللہ علیہِ والہٖ وسلَّم مديني شريف جي قبرستان ”بقيعِ غرقد“ جي ويجهو کان گذريا تہ فرمايائون: اُف، اُف. اُف. ان وقت پاڻ صلَّی اللہ علیہِ والہٖ وسلَّم سان گڏ مان ئي اڪيلو هيس. مون عرض ڪيو: يارَسول اللہ صلَّی اللہ علیہِ والہٖ وسلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! ڇا ڳالهہ آهي؟ پاڻ سڳورن صلَّی اللہ علیہِ والہٖ وسلَّم ارشاد فرمايو: مون هن قبر واري کي فلاڻي قبيلي تي بطور عامل (يعني زڪوات وصول ڪرڻ جي لاءِ) مُقرر ڪيو هو. اُن وقت هن هڪ چادر ۾ خيانت ڪئي هئي ۽ هاڻي مان ڏسان ٿو تہ اها ئي چادر باهہ ٻڻجي ڪري ان کي ساڙي رهي آهي. (نسائی،ص150،حدیث:859ملخصاً)

چوري ڪرڻ، شراب پيئڻ ۽ بدڪاري ۾ مبتلا ٿيڻ وارا غور ڪن تہ جيڪڏهن اهي بغير توبہ جي مري ويا ۽ اللہ پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صلَّی اللہ علیہِ والہٖ وسلَّم جي ناراضي ڪٽي قبر ۾ پهتا تہ اُن تي هڪ ٻہ نانگ مسلط ڪيا ويندا جيڪي ان جو گوشت پٽي کائيندا رهندا ۽ انهن جا اُهي دوست جيڪي انهن کان پيسا وٺي شراب پيئندا هئا انهن کي قبر ۾ اڪيلو ڇڏي ڪري پنهنجي گهرن ۾ هليا ويندا. اهڙي طرح خيانت ڪرڻ وارا سوچين تہ جيڪڏهن اهي بہ بغير توبہ جي هن دنيا مان رخصت ٿي ويا ۽ پوءِ خيانت ڪرڻ جي ڪري انهن جي قبر ۾ باهہ ڀڙڪائي وئي تہ انهن جو ڇا ٿيندو؟ لہٰذا عافيت انهي ۾ آهي تہ هاڻ کان توبہ ڪئي وڃي نہ تہ خدا جو قسم! قبر جو عذاب برداشت نہ ٿي سگهندو. ٿي سگهي ٿو شيطان اوهان کي ڊگهي عمر ماڻڻ ۽ گهڻي دير

زندھ رهڻ جي اُميد ڏياري ۽ هاڻي توبہ نہ ڪرڻ تي اپاري تہ ياد رکو! جيڪڏهن اوهان ڊگهي عمر ماڻڻ جي اُميد تي جيئندا بہ ڪيترو عرصو جيئندا؟ وڌ ۾ وڌ 60 يا 70 سال زندھ رهي سگهندا ڇوتہ عام طور انسان ايترو ئي عرصو زندھ رهي سگهندو آهي ۽ پوءِ موت جو شڪار ٿي ڪري انڌيري قبر ۾ لهي ويندو آهي. ياد رهي! 60 يا 70 سال زندھ رهڻ جي بہ ڪا گارنٽي ناهي ڇوتہ هڪ ڏينهن جو ٻار بہ تہ مرندو ئي آهي. جيڪڏهن اوهان چئو ٿا تہ اسان جو جسم ورش وارو آهي، اسان ڪراٽي جو فن بہ ڄاڻون ٿا، اسان کي هٿيار هلائڻ بہ اچي ٿو لهٰذا صحت ٺيڪ ۽ مضبوط جسم رکڻ جي ڪري اسان کي اجان موت نہ ايندو؟ تہ ياد رکو! اوهان جي زندگي جو ڪوبہ محافظ ناهي ۽ جڏهن ملڪ الموت روح قبض ڪرڻ جي لاءِ تشريف ڪٿي ايندو تہ ڪوبہ ان جي راھ نہ روڪي سگهندو، الله نہ ڪري جيڪڏهن هاڻي زلزلو اچي وڃي تہ هزارين بلڪ لکين ماڻهو زمين ۾ دفن ٿي ويندا، هر روز ڪٿي نہ ڪٿي سيلاب، زلزلو ۽ قدرتي آفتون اينديون رهنديون آهن جن کان ٻانهي کي نہ صحت بچائي سگهندي آهي ۽ نہ جواني ۽ هٿيار، ايئن ڏسندي ئي ڏسندي ٻانهو موت جي منهن ۾ هليو ويندو آهي.

موت ٹھہری آنے والی آئے گی — جان ٹھہری جانے والی جائے گی
رُوح رَگ رَگ سے نکالی جائے گی — تجھ پہ اِک دِن خاک ڈالی جائے گی
قبر میں میت اُترنی ہے ضَرور — جیسی کرنی ویسی بھرنی ہے ضَرور
موت آئی پہلواں بھی چل دیئے — خوبصورت نوجواں بھی چل دیئے
قافلے کے قافلے رُخصت ہوئے — خاک میں سارے کے سارے مِل گئے
قبر روزانہ یہ کرتی ہے — مجھ میں ہیں کیڑے مکوڑے

پکار!
یاد رکھ میں ہوں اَندھیری کوٹھڑی
میرے اَندر تو اکیلا آئے گا
پہلوانوں کو پچھاڑا موت نے
ہاتھی جیسے بھی پچھاڑے موت نے

بے شمار
تجھ کو ہوگی مجھ میں سُن وَحشت بڑی
ہاں! مگر اَعمال لیتا آئے گا
کھیل کِتنوں کا بِگاڑا موت نے
کیسے کیسے گھر اُجاڑے موت نے

## افسوس اسان کي موت جو اِحساس نٿو ٿي

افسوس! اسان کي موت جو احساس نٿو ٿي ۽ اسان صرف رسمي طور تي بيان ڪري منتشر ٿي ويندا آهيون. جيترو اسان کي معلوم آهي جيڪڏهن جانورن کي موت جي باري ۾ ايترو علم هجي ها ته ڪو جانور ٿلهو تازو نه ٿي ها، جيئن ته رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ نصيحت نشان آهي: موت جي باري ۾ جيڪو ڪجھ توهان کي معلوم آهي جيڪڏهن جانورن کي معلوم ٿي وڃي ته توهان انهن مان ڪنهن ٿلهي جانور کي کائي نه سگهو. (شعب الايمان،353/7، حديث: 10557) يعني جانور موت جي خوف سان ڪمزور ٿي ويندا آهن پر انسان موت کان بي خوف ٿي ڪري دلير ٿي گهمندو آهي، خوب کائيندو پيئندو، جان ناهيندو ۽ کلي کلي گناهه ڪندو آهي حالانڪ جيڪو کلندي گناهه ڪندو اهو روئندي جهنم ۾ داخل ٿيندو، جيئن ته حضرت ابن عباس رضی اللہ عَنْہُما فرمائن ٿا: جيڪو کلندي گناهه ڪندو اهو روئندي جهنم ۾ داخل ٿيندو. (مڪاشفة القلوب، ص275)

هاڻي اوهان هي حديث شريف پڙهي ته ”موت جي باري ۾ جيڪو ڪجھ توهان کي معلوم آهي جيڪڏهن جانورن کي معلوم ٿي وڃي ته توهان انهن مان ڪنهن ٿلهي جانور کي نه کائي سگهو“ هن حوالي سان هڪ اُٺ جو واقعو پڙهو ۽ پنهنجي لاءِ عبرت جو سامان گڏ ڪيو. جيئن ته

# موت جي فڪر سبب اُٺ جي مستي ويندي رهي

حضرتِ عيسيٰ روح الله عَلَيهِ السَّلَام هڪ ڀيرو اُنن جي ڌڻ پرسان لنگهيا تہ پاڻ عَلَيهِ السَّلَام ڏٺو تہ انهن مان هڪ اُٺ وڏي مستي ڪري رهيو آهي، ڪڏهن ڪنهن اُٺ کي ٽڪر هڻي رهيو آهي تہ ڪڏهن ڪنهن اُٺ کي چڪ هڻي رهيو آهي تہ ڪڏهن ڪنهن کي ڊوڙائي رهيو آهي. پاڻ عَلَيهِ السَّلَام اُن اُٺ جي ويجهو ويا ۽ ان جي ڪَن ۾ فرمايائون: اِنَّکَ مَيِّتٌ يعني توکي مرڻو آهي. هي فرمائي ڪري حضرت عيسيٰ روح الله عَلَيهِ السَّلَام اڳتي تشريف کڻي ويا، هاڻي ان اُٺ تي موت جي اهڙي فڪر سوار ٿي جو اُن کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنو، ان جي سڄي مستي ختم ٿي وئي ۽ اهو ڏٻرو ڪمزور ٿي ويو. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ حضرتِ عيسيٰ روح الله عَلَيهِ السَّلَام جڏهن ٻيهر اتان کان گذريا ڏٺائون تہ اهو ئي اُٺ ڪمزور ٿي چڪو آهي ۽ سيني اُنن کان عليحده هڪ هنڌ ويٺو آهي. پاڻ عَلَيهِ السَّلَام ڌنار کان اُن اُٺ جي حالت جي باري پڇيائون تہ ڌنار عرض ڪيو: مان بس ايترو ڄاڻان ٿو تہ هن اُٺ جي پرسان هڪ شخص گذريو هو جنهن سندس ڪن ۾ ڪا اهڙي ڳالھ چئي جو ان کان پوءِ هن کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنو ۽ هاڻي هي سيني اُنن کان عليحده ٿي ڪري هڪ هنڌ سست ويٺل هوندو آهي. (نزہۃ المجالس، 85/1 بتغير قليل)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اُٺ جيڪو هڪ جانور آهي ان کي جڏهن موت جي باري ۾ خبر پئي تہ اُن کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنو ۽ ان جي سڄي مستي مري وئي حالانڪ ان جي لاءِ نہ سڪرات جون سختيون آهن ۽ نہ ئي قبر جو عذاب ۽ نہ وري جهنم جون هولناڪيون آهن، باقي ڪجھ جانور جهنم ۾ موڪليا ويندا پر عذاب حاصل ڪرڻ جي لاءِ نہ بلڪ عذاب ڏيڻ جي لاءِ ۽ انهن کي اُتي ڪا تڪليف نہ ٿيندي. (تفسيرکبير،پ30،النباء،تحت الآية:40، 27/11 ملخصاً) هڪ طرف تہ موت جي خوف سان جانورن جي هي حالت آهي جڏهن تہ ٻي طرف اسان انسانن ۽ مسلمانن جي هي صورتحال آهي جو اُن ڳالھ جو يقين هجڻ جي باوجود غفلت جو شڪار آهيون تہ اسان کي موت ايندو، قبر ۾ پهچائيندو ۽ چڱي بري اعمال جو بدلو ڏياريندو. جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن سنتن ڀري اجتماعن ۾ رقّت انگيز بيان ٻڌي ڪري اسان کي پنهنجي موت جو احساس ٿيندو آهي پر اهو جلد ئي ختم ٿي ويندو آهي. ڪجھ ماڻهو مٿو جهڪائي توجھ سان بيان ٻڌندا ۽ پنهنجي گناهن کي ياد ڪري ڪُڙهندا آهن پر بيان ختم ٿيڻ کي اجا ٿورو وقت گذرندو آهي تہ اهي ساڳي وانگر

پنهنجي دوستن سان خوب کل يوگ ڪري رهيا هوندا آهن. اهڙا ماڻهو عام طور تي اڳئين ڏينهن نمازِ فجر بہ ناهن پڙهندا، جيڪڏهن جوش ۾ اچي ڪري نمازِ فجر پڙهي بہ وٺندا آهن تہ ظهر جي نماز ناهن پڙهندا ۽ جيڪڏهن اڳئين ڏينهن سيئي نمازون پڙهي وٺندا آهن تہ ٻئي ڏينهن فجر جي نماز جي لاءِ ناهن اٿندا، ايئن اهي ٻيهر غفلت جو شڪار ٿي ويندا آهن.

## قبرون اندر ڪان هڪ جهڙيون ناهن هونديون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جڏهن قبرستان ويندا آهيون تہ اسان کي سيئي قبرون مٿان ڪان بظاهر هڪ جهڙيون لڳنديون آهن پر ياد رکو! هي اندر ڪان هڪ جهڙيون ناهن هونديون، چوتہ اندر ڪان ڪنهن جي قبر باغ ۽ بهار ۽ ڪنهن جي باهہ ئي باهہ هوندي آهي، ڪو پنهنجي قبر ۾ اللّٰه پاڪ جي نعمتن جا مزا ماڻي رهيو هوندو آهي ۽ ڪو عذاب جو شڪار هوندو آهي، جيئن تہ حضرت محمد بن سماڪ رحمۃ اللہ علیہ هڪ ڀيرو قبرستان کي ڏسي فرمايو: اي انسانو! هنن قبرن جي خاموشي مان دوکو نہ کائجو تہ هي خاموش آهن، نہ!نہ! انهن جي اندر رهڻ وارا سيئي هڪ جهڙا ناهن، انهن مان ڪجھ تمام گهڻو تڪليف ۾ آهن ۽ ڪجھ راحت ۾ آهن. (اهوال القبور، ص226ملخصاً) هر عقلمند کي گهرجي تہ قبر ۾ داخل ٿيڻ ڪان پهريان ان کي تمام گهڻو ياد ڪندو رهي، حضرت سفيان ثوري رحمۃ اللہ علیہ جو ارشاد آهي: جيڪو قبر کي گهڻو ياد ڪندو تہ اهو ان کي جنت جي هڪ باغ جيان ڏسندو ۽ جيڪو ان ڪان غافل ٿي ويو اهو ان کي جهنم جو کڏو ڏسندو.
(احياء العلوم،238/5)

افسوس! اسان غافلن جو ڇا ٿيندو! اسان کي تہ موت جو ذڪر ٻڌڻ ئي پسند ناهي، اوهان کي ڪيئي اهڙا ماڻهو ملندا جيڪي هي چئي ڪري سنتن ڀري اجتماعن ۾ ناهن ايندا تہ دعوت اسلامي وارا، موت، موت ڪري اسان جو موڊ ئي خراب ڪري ڇڏين ٿا. اهڙن جي لاءِ عرض آهي تہ اسان جا بُزرگانِ دين بہ پنهنجي خطبات ۾ ماڻهن کي موت جي ياد ڏياريندا هئا جيئن تہ

## اي اللّٰه جا ٻانهو! موت کي ياد رکو!

اميرالمؤمنين موليٰ مشڪل ڪُشاء، حضرتِ علي المرتضيٰ شيرخدا رضی اللہ عنہ هڪ ڀيرو ڪجھ هن طرح خطبو ارشاد فرمايو: اي اللّٰه جا ٻانهوٓ! موت کي ياد

رکو ۽ ان جي لاءِ تياري ڪيو جو هن کان بچڻ ممڪن نہ آهي، جيڪڏهن توهان هن کان مقابلو ڪندؤ تہ هي توهان کي پڪڙي وٺندو ۽ جيڪڏهن ڀڄڻ چاهيندؤ تہ پڪڙي وٺندو. موت توهان جي پيشاني ۾ پيوست ڪيو ويو آهي، تنهنڪري موت جي عذاب کان نجات جو ڪو وسيلو تلاش ڪيو. موت جي طرف پيش قدمي ڪيو تہ قبر توهان جي منتظر آهي ۽ اها توهان کي جلد کان جلد پاڻ وٽ سڏي رهي آهي. ياد رکو! قبر يا تہ جنت جو هڪ باغ آهي يا جهنم جو هڪ کڏو.

( المستطرف، 107/1ملخصاً)

ياد رکو! جيڪڏهن اسان اڄ موت کان ڊڄي ڪري نمازي بڻجي وڃون ۽ اسان گناهن کان ڪناراڪشي اختيار ڪئي تہ هي اسان جي لاءِ ڀلو آهي جو ڪالهہ اسان کي قبر ۾ راحت ملندي نہ تہ جيڪڏهن اَڄ اسان موت کان بي فڪر ٿي ڪري گناهن ڀري زندگي گذارڻ لڳاسين تہ مرڻ کان پوءِ قبر ۾ اسان جي لاءِ خوف ئي خوف هوندو. ڏسو! مرڻ کان پوءِ جي زندگي مرڻ کان پهريان جي زندگي کان وڌيڪ پاورفل هوندي آهي، مرڻ کان پوءِ ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جو عمل بہ گهڻو وڌي ويندو آهي جو مرڻ کان پهريان جيڪڏهن اسان قبر ۾ لهي ڪري ڏسون تہ اسان کي قبر کان ٻاهر جو منظر نظر نہ ايندو جڏهن تہ مرڻ کان پوءِ قبر بند ٿيڻ جي باوجود مُردي کي ٻاهر جو منظر نظر ايندو آهي ۽ ڪهڙا ماڻهو اچي وڃي رهيا آهن اهو سڀ ڏسندو آهي ۽ انهن جو آواز بہ ٻڌندو آهي تڏهن تہ اسان قبرستان وڃي ڪري مُردن کي سلام ڪندا ۽ چوندا آهيو: "اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اَهْلَ الْقُبُوْرِ، يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُمْ، اَنْتُمْ سَلَفُنَا وَنَحْنُ بِالْاَثَرْ" يعني اي قبر وارؤ! توهان تي سلام هجي الله پاڪ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي، توهان اسان کان پهريان هليا ويا ۽ اسان توهان کان پوءِ اچڻ وارا آهيون." ياد رکو! سلام ان کي ڪيو ويندو آهي جيڪو ٻڌندو هجي ۽ جواب بہ ڏيندو هجي، جيئن تہ حڪيم الأمت حضرت مفتي احمديارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: قبرستان ۾ وڃي ڪري پهريان سلام ڪرڻ پوءِ هي عرض ڪرڻ (اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ اَهْلَ الدِّيَارِ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ وَالْمُسْلِمِينَ، وَاِنَّا اِنْ شَاءَ اللهُ بِكُمْ لَلَاحِقُوْنَ) سُنت آهي، ان کان پوءِ اهل قبور کي ايصال ثواب ڪيو وڃي. هن مان معلوم ٿيو تہ مُڙدا ٻاهر وارن کي ڏسندا سڃاڻيندا آهن ۽ انهن جي گفتگو ٻڌندا آهن نہ تہ انهن کي سلام ڪرڻ جائز نہ هجي ڇوتہ جيڪو ٻڌندو نہ هجي يا سلام جو جواب نہ ڏئي سگهندو هجي ان

کي سلام ڪرڻ جائز ناهي، ڏسو سُتل ۽ نماز پڙهڻ واري کي سلام نٿا ڪري سگھون. ( مراٰۃالمناجیح ،524/2) خبر پئي تہ قبرن وارا اسان جو سلام ٻڌندا بہ آهن ۽ ان جو جواب بہ ڏيندا آهن. (شعب الایمان، 17/7،حدیث:9296ملخصاً) ياد رهي! صرف مسلمان ئي نہ بلڪ ڪافر بہ مرڻ کان پوءِ ٻڌندا ۽ ڏسندا آهن. پڻ عام مُردن جي مقابلي ۾ بُزرگانِ دين رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡھِم پنهنجي قبرن ۾ گهڻو پري کان ٻڌندا ۽ ڏسندا آهن مثلاً اسان هتان کان بغداد واري مرشد، حضور غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه کي پڪاريون تہ هو اسان جو آواز ٻڌي وٺندا چوتہ هُو الله پاڪ جي ولين جا سردار آهن. ڏسو! هاڻي ٽيلي ڪميونيڪيشن ايترو مضبوط ٿي ويو آهي جو اسان سمنڊ پار پنهنجي دوستن کان ڳالهائيندا آهيون ۽ هُو اسان جو آواز ٻڌي وٺندا آهن حالانڪ وچ ۾ تارون وغيره ناهن هونديون تہ جڏهن سائنسي ڪنڪشن ايترو پاورفل آهي تہ روحاني ڪنڪشن جو عالم ڇا هوندو!

مرڻ کان پوءِ سيني جي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي طاقت وڌي ويندي آهي ۽ مرڻ وارو پنهنجي قبر تي اچڻ وارن کي ڏسي رهيو هوندو آهي ۽ اُن جو آواز بہ ٻڌي رهيو هوندو آهي. ڏسو! جيڪڏهن اسان کي قبر ۾ نہ عذاب ڏنو وڃي ۽ نہ اسان جي قبر ۾ نانگ وڇون اچن صرف اسان کي قبر ۾ بند ڪيو وڃي تہ قيامت قائم ٿيڻ تائين هزارين سال جو عرصو اسان انڌيري قبر ۾ ڪيئن گذاريندا سين! اسان قبر ۾ نہ ڪنهن دوست وٽ وڃي سگهنداسين ۽ نہ ڪنهن کي پاڻ وٽ گهرائي سگهنداسين، نہ اسان جي ماءُ ايندي ۽ نہ اسان جو پيءُ ايندو، جيڪڏهن پيءُ ايندو بہ تہ ويچارو فاتحہ پڙهي ڪري ۽ هيڏانهن هوڏانهن قبرن کي ڏسي ڪري واپس هليو ويندو ۽ اسان ان کي پنهنجي قبر ۾ حسرتڀري نظرن سان ڏسندا رهجي ويندا سين. ٿورو غور ڪيو! جيڪڏهن اسان کي ڪنهن عاليشان بنگلي ۾ قيد ڪيو وڃي ۽ اُتي اسان کي زندگي جي ضرورت جي هر شيءِ ڏني وڃي، مثلاً ٻتيون، پکا، ايئرڪنڊيشن روم، نرم نرم بسترا، کائڻ پيئڻ جون شيون وغيره سڀئي سهولتون مُيسر هجن پر هن بنگلي ۾ اسان اڪيلا هجون ۽ اسان وٽ ڪنهن جي اچڻ وڃڻ تي پابندي هجي تہ يقين مڃو! اسان ان ۾ هڪ يا بہ ڏينهن مس رهي سگهنداسين بلڪ اسان مان ڪجھ تہ اهڙا بہ هوندا جيڪي هڪ ڏينهن بہ تنها رهڻ برداشت نہ ڪري سگهندا. ڏسو! جڏهن آسائش واري بنگلي ۾ اسان اڪيلا هڪ ڏينهن گذارڻ جي لاءِ تيار ناهيون تہ پوءِ قبر ۾ سوين سال اڪيلا ڪيئن رهي سگهنداسين! ياد رکو! اڄ

اسان دنيا جي رنگينن ۾ ڦاسي ڪري قبر کي ويساري وينا آهيون جڏهن ته چيو وڃي ٿو ته قبر روزانو پنج ڀيرا پڪاري چوندي آهي: اي انسان! تون منهنجي پُٺي تي هلندو آهين جڏهن ته منهنجو پيٽ تنهنجو نڪاڻو آهي. اي انسان! تون منهنجي پُٺيءَ تي کلين ٿو جلد ئي منهنجي اندر اچي ڪري روئندين. اي انسان! تون مون تي حرام کائين ٿو عنقريب منهنجي پيٽ ۾ توکي ڪيڙا کائيندا. اي انسان! تون منهنجي پيٽ تي خوشيون ملهائين ٿو عنقريب مون ۾ غمگين ٿيندين. (تنبيه الغافلين ،ص23ملخصاً)

خُدا جو قسم! هن قبر جي پڪار ۾ عبرت ئي عبرت آهي، اي ڪاش! اسان کي عبرت نصيب ٿي وڃي ۽ ان کان پهريان جو هي شور ٿي ته فلاڻي جو انتقال ٿي ويو آهي، جلدي جلدي غسل ڏيارڻ واري کي گهرايو، جلدي جلدي ڪفن وٺي اچو! ۽ جلدي جلدي قبر کوٽڻ جو انتظام ڪيو. پوءِ غسَال تختو کڻي اچي رهيو هجي ۽ پوءِ اسان کي انڌيري قبر ۾ لاٿو وڃي ته ان کان پهريان ئي موت جي ياد کي پيش نظر رکو ۽ جلدي جلدي پنهنجي گناهن کان توبه ڪيو.

ڪرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

## موت کي ياد رکڻ جا طريقا

پيارا اسلامي ڀائرو! موت جي ياد پيش نظر رکڻ جا ڪجھ طريقا پيش ڪجن ٿا، غور سان پڙهو ۽ پنهنجي لاءِ موت جي ياد جو سامان ڪيو: (1) جنازن ۾ شرڪت ڪيو (2) قبرسان وڃڻ جي عادت بڻايو (3) موت جي موضوع تي ٿيڻ وارا بيان ٻڌو (4) عبرتناڪ واقعن جو مطالعو ڪيو (5) عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻايو، مدني قافلن ۾ موت جي تياري جي حوالي سان وعظ و نصيحت جو سلسلو به ٿيندو آهي ته ايئن اوهان کي موت جي ياد رهندي ۽ جڏهن موت جي ياد رهندي ته اوهان جو گناهن کان بچڻ جو ذهن به بڻجندو ته حديث پاڪ ۾ آهي: "كَفٰى بِالْمَوْتِ وَاعِظًا يعني موت نصيحت جي لاءِ ڪافي آهي." (شعب الايمان، 353/7،

حديث:10556) لهٰذا هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن سنتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر اختيار ڪرڻ جي نيت ڪيو، نمازن جو بہ ذهن بڻايو ۽ سچي نيت ڪيو تہ هاڻي ڪان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اسان جي ڪابہ نماز قضا نہ ٿيندي، اسان جو رمضان المبارڪ جو ڪو روزو قضا نہ ٿيندو، اسان فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ ڳائڻ وڄائڻ ٻڌڻ ڪان بچنداسون، اسان والدين کي نہ ستائينداسون، مسلمانن جون چغليون نہ ڪنداسين، مسلمانن جي غيبتن، تهمتن ۽ الزام تراشين ڪان بچنداسون، مسلمانن جي بيعزتي نہ ڪنداسين ۽ اُنهن جا عيب لڪائينداسين.
پڻ اها بہ نيت ڪيو تہ اسان دعوت اسلامي جي هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪنداسين.
الله پاڪ اسان کي خوب خوب نيڪيون ڪرڻ، گناهن ڪان بچڻ ۽ مرڻ ڪان پهريان قبر ۽ حشر جي تياري ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هفتہ وار رسالو مطالعو

شيخ طريقت اميرِ اهلسنت، حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ / خليفہ اميرِ اهلسنت الحاج ابو اُسَيد عُبَيد رضا مدني مَدَّ ظِلُّهُ العالي جي طرفان هر هفتي هڪ رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي. ماشآءالله الكريم! لکين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هي رسالو پڙهي يا ٻڌي ڪري اميراهل سنت/ خليفہ اميرِ اهلسنت جي دعائن مان حصو مائيندا آهن. هي رسالو آڊيو ۾ دعوت اسلامي جي

ويب سائٽ www.dawateislami.net يا

read and listen Islamic book تان فري ۾ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو. ثواب جي نيت سان پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجي مرحومين جي ايصالِ ثواب جي لاءِ تقسيم ڪيو.

(شعبو هفتہ وار رسالو مطالعو)

978-969-722-606-1
01082465

فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران، پراني سبزي منڈي کراچي
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net